# جهالت واري دور جون نشانيون

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

**08-AUGUST-2024**



8 آگسٽ 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ، 3 صفرالمظفر، 1446ھ، تي
پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# جهالت واري دور جون نشانيون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ.....

- ... آقا ﷺ غلام هڪ ئي حليي ۾
- ... رحمت ۽ جنت ماڻڻ جو نسخو
- ... بي پردگي جدّت يا صديون پراڻو قصو؟
- ... جهالت واري دور جون ڪجھ نشانيون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْھا کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن ٻانهو مون تي درود شريف پڙهندو آهي تہ ان جي برڪت سان هڪ ملائڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو آهي، ان ملائڪ جي لاءِ حڪم ٿيندو آهي: ان کي منهنجي ٻانهي جي قبر وٽ ڪڻي وڃو! تہ جيئن هي منهنجي ٻانهي جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهي ۽ منهنجي ٻانهي جون اکيون ٺڏيون ٿينديون رهن.[1]

| | |
|---|---|
| ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شُمار دُرود |
| قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرود[2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

---

[1]… مسندِ فردَوس، جلد:4، صفحہ:10، حديث:6026بتصرف قليل۔

[2]…ذوقِ نعت، صفحہ:123 تا125 ملتقطاً۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا ۽ غلام هڪڙي ئي حليي ۾

پيارا اسلامي ڀائرو!حديث پاڪ جي مشهور ڪتاب بخاري شريف ۾ هڪ تمام پياري روايت آهي، مان اها روايت ٿورو وضاحت سان اوهان کي ٻڌايان ٿو. حضرت مَعْرُور بن سُوَيد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ دفعي مون کي صحابيءِ رسول حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي زيارت جو شرف نصيب ٿيو، ساڻس گڏ سندن غلام به هو، انداز هي هو جو حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ هيٺ گهٽ قيمت وارو لباس پهري رکيو هو، مٿان هڪ قيمتي چادر ويڙهي رکي هئي، بلڪل ائين ئي لباس سندن غلام جو به هو، ان به هيٺ گهٽ قيمت وارو لباس پائي رکيو هو، مٿان قيمتي چادر ويڙهي رکي هئي. هي نرالو انداز ڏسي ماڻهن عرض ڪيو: اي ابوذرّ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ! هي به ته ٿي سگهيو ٿي ته توهان ٻنهي قيمتي چادرن مان پنهنجو بهترين لباس سبرايو ها ۽ گهٽ قيمت وارو جيڪو لباس آهي، اهو غلام کي پارائي ڇڏيو ها (اِئين توهان جو بهترين لباس به ٿي وڃي ها ۽ آقا ۽ غلام جي وچ ۾ فرق به ٿي وڃي ها). هي سوال ٻڌي حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ پنهنجي ماضي جي هڪ ياد

[1] مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ٻڌائي (يعني اهو زمانو جڏهن حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اجا نبين جي سلطان، رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيرِ تربيت هئا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کان آداب ۽ اخلاق سکندا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان ڏينهن جي ڳالهه ماڻهن کي ٻڌائي)، فرمايائون: هڪ شخص هو، هڪ دفعي منهنجي ان سان ڪجهه بحث ٿي وئي ته مون ان کي چيو: اي ڪاري ماءُ جا پٽ! (يعني ان جي ماءُ هئي ئي ڪاري رنگ جي ته مون ان کي هي طعنو ڏئي ڇڏيو). هي ڳالهه جڏهن پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي معلوم ٿي ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يَا اَبَاذَرٍّ اِنَّكَ اِمْرَءٌ فِيْكَ جَاهِلِيَّة يعني اي ابوذرّ! توهان جي اندر اجا جاهليت واري (زماني جو) اثر باقي آهي. وڌيڪ فرمايائون: هي جيڪي توهان جا خادِم (يا غلام) آهن، هي توهان جا ڀائر آهن، الله پاڪ انهن کي توهان جي ماتحت ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ جنهن جو ڪو ڀاءُ ان جي ماتحت هجي، ان کي گهرجي ته ❁ جيڪو پاڻ کائي ٿو، اهوئي ماتحت کي کارائي ❁ جيڪو پاڻ پائي ٿو، اهوئي ماتحت کي به پارائي (چو ته هي منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعليم آهي، انڪري مون پنهنجي غلام کي اهوئي لباس پارايو آهي، جيڪو مون پاڻ پائي رکيو آهي).[1]

**کجهه روايتن ۾ آهي:** اهو صحابيءِ رسول جن سان حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ڪجهه بحث وغيره ٿي هئي، اهو حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هو، جڏهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوذرّ غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي تربيت ڪئي ۽ ٻڌايو ته اي ابوذرّ! (توهان اسلام به قبول ڪري ڇڏيو، اسلام جو نور توهان جي اندر رچي بسي به ويو، اسلامي اخلاقن ۽ آدابن سان توهان آراسته به ٿي ويا پر زمانهءِ) جاهليت واري هڪ خصلت جو اثر اجا تائين باقي آهي سو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ يڪدم حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وٽ هليا ويا. پنهنجو چهرو زمين تي رکيو ۽ چيائون: **اي بلال! جيستائين توهان**

[1] بخاری، حدیث:30 مع شرح ۔

**پنهنجو پير منهنجي منهن تي نہ رکندا، مان زمين کان چهرو نہ کڻندس.**

الله! الله! فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تي عمل جو شوق ڏسو! اها هک کمي جيڪا محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌائي، ان کمي کي دور ڪرڻ جو جذبو ڏسو! ڪيتري حد تائين عاجزي اختيار فرمائي رهيا آهن، هيڏي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ بہ صحابيءِ رسول آهن، سندن هي ڳالهہ ڪيئن گوارا ڪري سگهن ٿا، ان ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پنهنجو پير نہ رکيو، **آخر حضرت ابو ذرّ** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ **زبردستي انهن جو پير پنهنجي چهري تي لڳائي ڇڏيو.**[1]

| | |
|---|---|
| قرآن کے آئینے میں ہستی کے قرینے | تاحدِ نظر پھیلے ہیں اَنمول خزینے |
| ہیں مثل ستاروں کے مِری بزم کے ساتھی | اَصحاب کے بارے میں یہ فرمایا نبی نے |
| ہیں آپ کے ہاتھوں ہی سے تراشے ہوئے ہیرے | اسلام کے دامن میں یہ تابندہ نگینے |
| بعد ان کی محبّت کے سفر صرف تھکن ہے | منزل کوئی پائے گا نہ پائی ہے کسی نے |

## حديثِ پاڪ ۾ سکڻ جون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان لاءِ سکڻ جون گهڻيون ڳالهيون آهن. مثلاً:

### (1) خادِم سان نيڪ سلوڪ

هن واقعي مان هک ڳالهہ تہ اسان کي هي سکڻ لاءِ ملي تہ عاجزي اختيار ڪرڻ گهرجي، ڪنهن مسلمان جي مقابلي ۾ پنهنجي وڏائي نہ جتائڻ گهرجي، پلي سامهون وارو خادِم ۽ غلام ئي ڇو نہ هجي. اسان سڀئي مسلمان آهيون، الله پاڪ جا ٻانها آهيون، سڀئي حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي اولاد آهيون، ❁ چاهي ڪو

[1] ارشاد الساری، 160/1۔

سيٺ هجي يا نَوڪر، ❁ ڪو امير هجي يا غريب، ❁ ڪو غلام هجي يا آقا، ڪو خادِم هجي يا مخدوم، هي سيئي دنيا جو هڪ نظام (system) آهي، ربّ ڪريم جي تقسيم ڪاري آهي. جيڪو سيٺ آهي، اهو ماءُ جي پيٽ مان سيٺ پيدا ناهي ٿيو، الله پاڪ ان کي سيٺ بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪو نوڪر (*servent*) آهي اهو پيدا ٿيندي ئي نوڪر نہ هو، الله پاڪ ان کي نَوڪر بڻائي ڇڏيو آهي. ڪردار جي بلندي، اخلاق جي پاڪيزگي، الله پاڪ جو قرب ۽ آخرت جي ڪاميابي، الڳ ڳالهيون آهن. الله پاڪ وٽ ڪير وڌيڪ پسنديده آهي؟ سيٺ يا نَوڪر، هي اسان نٿا ڄاڻون. ❁ هن جو تعلق پئسي سان ناهي، ❁ هن جو تعلق دنياوي اسٽيٽس (Stats) سان ناهي، ❁ هن جو تعلق وڏي ڪرسي سان ناهي، ❁هن جو تعلق تقويٰ ۽ پرهيزگاري سان آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْؕ<br>(پاره:26،سورۂ حجرات:13) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. |

ان لاءِ اسان کي گهرجي تہ عاجزي اختيار ڪريون، سڀني سان نيڪ سلوڪ (good behavior) سان پيش اچون. پهرين دور(زماني) ۾ پئسن سان خريديل غلام هوندا هئا، هاڻي اهو ماحول تہ ناهي، البت خادِم تہ هوندا آهن، نَوڪر چاڪر تہ اڄا بہ گهرن، دڪانن ۽ آفيسن وغيره ۾ رکيا ويندا آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن کي گهٽ رتبي وارو سمجهي تڪبر جي آفت ۾ نہ پئون، انهن سان بہ نيڪ سلوڪ ئي ڪيون.

فخر و غُرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا | یا ربّ! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحمت ۽ جنت ماڻڻ جو نسخو

**حديث پاڪ ۾ آهي:** نبيّن جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن ۾ هجن، الله پاڪ ان تي رحمت بہ فرمائيندو ۽ ان کي جنت ۾ داخل بہ ڪري ڇڏيندو. (اهي ٽي عادتون ڪهڙيون آهن؟):

(1) ڪمزور تي نرمي ڪرڻ (يعني جيڪو جسماني لحاظ سان ڪمزور آهي، مثلاً ❁پوڙهو آهي ❁ اپاهج آهي ❁ ڪو ٽنگن کان معذور آهي ❁ ڪو هٿن کان معذور آهي ❁ ڏسي نٿو سگهي ❁ ٻُڌي نٿو سگهي ❁ ڳالهائي نٿو سگهي ❁ ايئن ئي مالي لحاظ سان ڪمزور آهي ❁ غريب آهي ❁ فقير آهي ❁ ڪو ذهني طور تي ڪمزور آهي ❁ چريو آهي ❁ گهٽ ذهن وارو آهي، ان کي ڳالهہ دير سان سمجهہ ۾ اچي ٿي، وغيره اهڙا جيڪي ڪمزور ماڻهو آهن، انهن تي نرمي ڪرڻ رحمت ۽ جنت ماڻڻ جو ذريعو آهي. (2) والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ. (3) غلامن سان ڀلائي ڪرڻ.[2]

مَشهُور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪي حقَ لازم آهن، انهن(حقن) کان وڌيڪ مهرباني ڪرڻ ڀلائي چورائيندو آهي.[3] يعني جيڪي اسان جا ماتحت آهن، خادِم آهن، نوڪر چاڪِر آهن تہ انهن جا جيڪي لازمي حقَ آهن، اهي تہ پورا ڪرڻا ئي ڪرڻا آهن، انهن سان گڏوگڏ انهن جي حقن کان وڌيڪ انهن سان مهرباني ڪجي تہ هي رحمت ۽ جنت ڏياريندڙ نيڪي آهي.

---

[1] …وسائل بخشش، صفحہ:178۔

[2] ترمذی ،کتا ب صفة القيامة، رقم ۲۵۰۲ ،ج۴ ،ص ۲۲۲۔

[3] مرآة المناجيح، ج۵، ص:۲۸۰۔

## (2) طعنا نہ ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابوذرّ غفاري رضي الله عنه جي واقعي مان ٻيو سبق هي مليو تہ طعنو ڏيڻ هڪ مسلمان جي شان ناهي. ڏسو! حضرت ابوذرّ غفاري رضي الله عنه فقط ايترو چيو هو: اي ڪاري ماءُ جا پٽ! هي ڳالهہ ڪوڙي نہ هئي، ڳالهہ سچي هئي پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّى الله عليه واٰله وسلّم ان ڪي دورِ جاهليت جو اثر قرار ڏنو. خبر پئي: ايئن ڪنهن کي طعنو ڏيڻ دورِ جاهليت جي نشاني آهي، اسلام ان کان منع ڪري ٿو. الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَلْمِزُوْۤا اَنْفُسَكُمْ<br>(پاره:26، سورة حجرات:11) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پاڻ ۾ ڪنهن کي طعنو نہ ڏيو. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: يعني زبان يا اشاري جي ذريعي هڪ ٻئي تي عيب نہ لڳايو، ڇو تہ مؤمن هڪ جان جيان آهن، جڏهن ڪنهن مؤمن تي عيب لڳايو ويندو تہ ڄڻ پاڻ ئي تي عيب لڳايو ويندو.[1]

افسوس! هاڻي اسان وٽ ٻين کي طعنا ڏيڻ جي وَبا بہ تمام عام آهي. ❁ ڪو سنتون اختيار ڪري ❁ پنهنجو اُٿڻ ويهڻ ❁ هلڻ ڦرڻ ❁ کائڻ پيئڻ ❁ پائڻ وغيره سنت مطابق ڪري تہ ان تي طعنن جا تير وسايا ويندا آهن. ❁ غريب کي غربت جو طعنو ڏنو ويندو آهي. ❁ ڪڏهن ڪنهن جي ذات کي گهٽ سمجهي سندس ذات جو طعنو ڏنو ويندو آهي (حالانڪ ڪا ذات ذليل يا گهٽ ناهي، عزت جو معيار تقويٰ آهي). ❁ ڪو مزدوري ڪري ٿو تہ ان کي مزدوري جو طعنو ڏنو ويندو آهي. ❁ ڪو ريڙهو لڳائي ٿو تہ ان کي ريڙهي لڳائڻ جو طعنو ڏنو ويندو آهي. ❁ جنهن وٽ صرف نياڻيون ئي نياڻيون هجن، پٽ نہ هجي،

---

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:26، سورة حجرات، تحت الآية:11، جلد:9، صفحہ:430بتغير قليل-

(حالانڪ نياڻي الله پاڪ جي رحمت آهي، ان جي باوجود) ان کي طعنا ڏنا ويندا آهن.

رشتن جو ڏيڻ وٺڻ هجي يا خدا نخواسته طلاق وغيره جو معاملو تي وڃي، تڏهن ته شيطان خوب کُلي کيڏندو ۽ خوب طعن و تشنيع جي آفت ۾ مبتلا ڪندو آهي. ڪاش! اسان الله ۽ رسول جي تعليمات کي سچي دل سان عملي طور تي اختيار ڪريون!...

تجھ کو گر رُتبۂ عالی کی طلب ہے بھائی! | غور سے سُن! تجھے ہستی کو مٹانا ہو گا
بھائیو! چاہیئے گر رَبِّ محمد کی رضا | خود کو محبوب کی سُنّت پہ چلانا ہو گا[1]

## مومن طعنا ناهي ڏيندو

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان راويت آهي، رسول اڪرم، نُور مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مومن نه طعنو ڏيڻ وارو هوندو آهي، نه لعنت ڪرڻ وارو، نه بيهوده بڪڻ وارو هوندو آهي.[2]

مشهور مُفسّرِ قرآن مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي عيبَ(يعني طعنا ڏيڻ، لعنت ڪرڻ ۽ فحش بڪڻ هي) سچي مسلمان ۾ ناهن هوندا، پنهنجا عيب نه ڏسڻ، ٻين مسلمانن جا عيب ڳولهڻ، هرهڪ کي لعن طعن ڪرڻ اسلامي شان جي خلاف آهي. ڪجھ ماڻهو جانورن کي، هوا کي گاريون ڏيندا آهن، ڪجھ ماڻهو گاريون پهريان ڏيندا آهن، ڳالھ بعد ۾ ڪندا آهن، هي سيئي هن حديث پاڪ مان عبرت حاصل ڪن.[3]

میں جھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نکالوں | اللہ مَرض سے تُو گناہوں کے شِفادے[4]

---

[1] ...وسائلِ بخشش (مرمم)،صفحه:185 ملتقطاً ۔
[2] ترمذی، کتاب البر والصلة، صفحه:481، حديث:1977۔
[3] مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:469بتغير قليل۔
[4] ...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:469بتغير قليل۔

## (3) جهالت جي نشانين کان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي واقعي مان ٽيون سبق اهو ملي ٿو تہ ڪنهن مسلمان جي اندر دَورِ جاهليت جو اثر هجي، ❁ ان جي ڪردار ۾، ❁ اخلاق ۾، ❁ انداز ۾، طور طريقن ۾ جاهليت واري زماني جي ڪا بُري عادت هجي، اها ڳالهہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن بہ پسند ناهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم آيا ئي انڪري آهن جو ماڻهن کي جاهليت جي اونداهين کان ڪڍي اسلام جو نور عطا ڪن. سيپارو:13، سورة ابراهيم، آيت: 1 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

| | |
|---|---|
| كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ﴀ<br>(پارہ:13، سورۂ ابراہیم:1) | ترجموڪنزالعرفان: **هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو اسان** اوهان جي **طرف نازل ڪيو آهي** تہ جيئن اوهان ماڻهن کي انهن جي ربّ جي حڪم سان اونداهين مان روشني جي **طرف** آڻيو. |

**يعني** اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! دُنيا اونداهين ۾ ٻڏي وئي آهي، اسان قرآنِ ڪَريم جو نُور اوهان تي نازل ڪيو، اوهان ماڻهن کي قرآنِ ڪَريم ٻڌائي ڪري، قرآنِ ڪَريم پڙهائي، قرآنِ ڪَريم جي نُوراني تعليمات کي عام فرمائي ماڻهن کي اونداهين کان نُور ڏانهن ڪڍي آيا!

پوءِ ائين ئي ٿيو: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مَقْبُول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن کي قرآن ٻڌايو، قرآنِ ڪَريم جي معنيٰ بيان فرمائي، قرآنِ ڪَريم جا راز اُنهن جي دلين ۾ داخل ڪيا ۽ اهي ئي ماڻهو ❁ جيڪي پاڻ کان گهٽ شيءِ کي پنهنجو خُدا ٻڻايو ويٺا هئا، اُنهن کي هڪ الله وَحْدَهٗ لَاشَرِيْك جي سامهون سجدو ڪرايو❁جيڪي اخلاقيات (Ethics) جي اونداهين ۾ هئا، انهن کي اعليٰ اخلاق

۽ ڪردار وارو بڻائي ڇڏيو. ❁ اهي جيڪي ڇوڪرين کي زنده دفن ڪندا هئا، انهن کي ڇوڪرين جو محافظ بڻايو. ❁ جيڪي بي حيائي جي گهرائيءَ ۾ ڪريا پيا هئا، انهن کي باحيا بڻايو❁ اهو ئي قرآنِ ڪَريم آهي، جنهن جي ذريعي جاهليت جون اونداهيون ختم ٿي ويون❁ اهو ئي قرآنِ ڪَريم آهي، جنهن جي ذريعي ڪفر ۽ شرڪ جون اونداهيون دور ٿي ويون. ❁ اهو ئي قرآنِ ڪَريم آهي، جنهن جي ذريعي اخلاق ۽ ڪردار ۾ نُور اچي ويو. ❁ اهو ئي اهو قرآنِ ڪَريم آهي، جنهن جي ذريعي فقط نالي جو انسان حقيقي انسان بڻجي ويو ❁ اهو ئي اهو قرآنِ ڪَريم آهي، جنهن جي تعليمات کي عام ڪري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي دنيا ۾ نُور ئي نُور ڦهلائي ڇڏيو. ڈاڪٽر اقبال چئي ٿو:

وہ دانائے سُبُل، ختمِ رُسُل، مولائے کُل جس نے | غُبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادیٔ سینا [1]

اعليٰ حضرترَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ڀاءُ مولانا حَسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

کُھلیں اسلام کی آنکھیں، ہوا سارا جہاں روشن
عرب کے چاند صدقے! کیا ہی کہنا تیری طلعت کا[2]

اي پيارا محبوب! اي عرب جا چنڊ! مان اوهان تي گھور وڃان، اوهان نبوت جو اعلان تہ ڇا فرمايو، اسلام جي برڪت سان سڄي دنيا روشن ٿي وئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...ڪلياتِ اقبال، صفحہ:235۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:37۔

## جهالت جي بُرين ڳالهين کان نفرت

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ئي ان لاءِ کڻي آيا ته جيئن ماڻهن کي جاهليت جي اونداهين مان ڪڍي اسلام جي نور ۾ وٺي اچن. تنهنڪري ڪنهن مسلمان جي اندر دورِ جاهليت جي ڪا هڪ به عادت موجود هجي، دورِ جاهليت جي هلڪي جهلڪ به ڪنهن جي ڪردار ۾ ڏسڻ اچي، پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کي اها ڳالهه هر گز پسند نه آهي. ابنِ ماجه شريف ۾ روايت آهي، حضرت عمران بن حصين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو اسان پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جنازو پڙهڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين. هاڻي معاملو ائين ٿيو ته ڪجهه ماڻهن پنهنجون چادرون رستي ۾ اڇلايون. رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جڏهن اهو ڏٺو ته فرمايو: اَبِصنيعِ الْجَاهِلِيَّةِ؟ ڇا اوهان جاهليت وارن ڪم سان مشابهت اختيار ڪري رهيا آهيو؟ لَقَدْ هَمَمْتُ أَنْ أَدْعُوَ عَلَيْكُمْ دَعْوَةً تَرْجِعُونَ فِي غَيْرِ صُوَرِكُمْ يعني دل چاهي ٿي ته توهان جي خلاف دعا ڪيان جنهن سان اوهان جا چهرا بگڙي وڃن. پياري آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جو اهو جلال ڏسي ڪري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم فوراً چادرون کڻي ورتيون، پوءِ ڪڏهن به ائين نه ڪيائون.(1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت تي غور فرمايو! اهو هڪ دورِ جاهليت جو انداز هو ته اسلام کان اڳ جڏهن ماڻهو مردي کي دفنائڻ ويندا هئا ته غم جو اظهار ڪرڻ لاءِ رستي ۾ چادرون اڇلائي ڇڏيندا هئا، واپسيءَ تي کڻي ويندا هئا. اهي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن تائين اسلام جي مڪمل تعليمات اڃا نه پهتي هئي، انهن جڏهن ائين ڪيو ته پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ڪيئن جلال جو اظهار فرمايو؟ رحمتِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي انهن جملن

---

[1]...ابن ماجه، حديث:1486۔

تي بار بار غور فرمايو! فرمايائون: اَبِصنيعِ الْجَاهِلِيَّةِ؟ ڇا اوهان جاهليت واري ڪم سان مشابهت اختيار ڪري رهيا آهيو؟ لَقَدْ هَمَمْتُ أَنْ أَدْعُوَ عَلَيْكُمْ دَعْوَةً تَرْجِعُونَ فِي غَيْرِ صُوَرِكُمْ يعني دل چاهي ٿي تہ توهان جي خلاف دعا ڪيان جنهن سان توهان جا چهرا بگڙي وڃن.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڪ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دورِ جاهليت وارن ڪمن کان سخت نفرت ڪندا هئا. تنهنڪري اسان تي لازم آهي تہ اسان اهڙن سيني ڪمن کان پري ئي رهون.

## گهٽو ناپسنديده شخص

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، نبيّن جي سلطان، رسولِ ذيشان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ 3 شخص تمام ناپسنديده آهن: (1): حرمِ پاڪ ۾ بي ديني ڪرڻ (يعني گناهہ ڪرڻ يا گناهہ پڪيڙڻ) وارو (2): اسلام ۾ دورِ جاهليت جا طريقا تلاش ڪرڻ وارو (يعني اهو ماڻهو جنهن ڪلمو بہ پڙهي ڇڏيو، مسلمان بہ ٿي ويو، پوءِ بہ دورِ جاهليت جي برائين ۽ بُري رسمن کي پسند ڪري ٿو، اهو الله پاڪ وٽ تمام ناپسنديده آهي) (3):۽ ٽيون شخص: مسلمانن جي خون جو پياسو.[1]

## اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً (پاره:2، سورة بقره:208) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو. |

[1] مشڪاة، حديث:1486ـ

يعني اي ايمان وارؤ! اسلام جو رنگ پوري طرح پاڻ تي چاڙهي ڇڏيو! ❁عقيدا بہ اسلامي رکو! ❁ اعمال بہ اسلامي اختيار ڪريو، ❁ صورت بہ اسلامي بڻايو! ❁ سيرت بہ مسلمانن واري رکو! ❁ توهان جا نالا بہ اسلامي هجن، ❁ ڪم بہ اسلامي هجن، ❁ توهان جي زندگي بہ اسلامي هجي،❁ موت بہ اسلامي هجي، ❁ شادي خوشي بہ اسلامي هجي، ❁ رنج و غم جو انداز بہ اسلامي هجي، ❁ رسم و رواج بہ اسلامي هجن، ❁ ۽ طور طريقا بہ اسلامي هجن، ❁مطلب تہ پنهنجو مرڻ جيئڻ بہ اسلامي بڻائي ڇڏيو!

مَشْهُور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي فرمان جو خلاصو آهي: جيڪو گهر جي اندر داخل ٿي وڃي، اهو گرمي، سردي، برسات، چوري وغيره کان محفوظ ٿي وڃي ٿو، اهڙي طرح اسلام بہ ڄڻ هڪ عمارت آهي، جيڪي مسلمان هن ۾ ايئن داخل ٿي ويا جو ❁ دل ۾ اسلامي عقائد سمائجي ويا، ❁ دماغ تي عشقِ رسول پهرو جمائي ڇڏيو ❁ ۽ عضون ۾ اسلامي احڪام نافذ ٿي ويا، اهي شيطان جي چوري کان بہ بچي ويا ۽ دوزخ جي گرمي، سردي کان بہ محفوظ ٿي ويا. (1)

الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، اسان ائين ئي اسلام ۾ پوري طرح داخل ٿي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## يومِ جشنِ آزادي (Independence Day)

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي ڪجھ ڏينهن کان پوءِ 14 آگسٽ اچڻ واري آهي، اسان جي ملڪِ عزيز پاڪستان ۾ 14 آگسٽ تي يومِ جشنِ آزادي ملهايو ويندو آهي. اَلحَمدُلله! پاڪستان الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي. ❁ برّصغير ۾

---

[1]...تفسيرِ نعيمی، جلد2۔

مسلمان تقريباً 100 سالن تائين غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيا.
❁ مسلمانن کي ذلت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، انهن تي ظلم ۽ ستم جا جبل ٽوڙيا ويندا هئا، ❁ ڪافر مسلمانن کي جاني ۽ مالي نقصان پهچائيندا هئا، ❁ ڳالهه ڳالهه تي انهن مسلمانن جي عزت پامال ڪندا هئا، ❁ مُسلي چئي ڪري انهن جو مذاق اڏائيندا هئا، ❁ ۽ نه ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ڏيندا هئا. پوءِ ربّ ڪريم اسان کي پنهنجو آزاد اسلامي ملڪ عطا فرمايو. ان تي الله پاڪ جو جيترو شڪر ادا ڪجي گهٽ آهي.

پر ڳڻو ڳڻ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان اسان کي تحفي ۾ ناهي ڏنو ويو، اهو تقريباً 100 سال جي محنتن جو نتيجو آهي، عظيم عاشقِ رسول علامه فضلِ حق خير آبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان آزادي جي تحريڪ شروع ٿي هئي، 1857ء ۾ هن آزادي جي تحريڪ ۾ تقريباً 22 هزار علماءِ ڪرام شهيد ٿيا هئا.[1] هزارين ظلم و ستم جي باوجود عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام ڏينهن رات محنت ڪئي، سيد محمد محدّثِ ڪڇوڇوي، مولانا مصطفيٰ رضا خان، مُفتي نعيم الدين مراد آبادي، پير جماعت علي شاه صاحب، مولانا احمد قادري، مولانا عبدالماجد بدايوني، عبد العليم ميرٺي، سيد احمد سعيد ڪاظمي، مُفتي احمد يار خان نعيمي ۽ انهن کان علاوه هزارين عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم ڏينهن رات ڪوششون ڪيون، امت کي بيدار ڪيو، بيان ڪيا، ڪتاب لکيا، گهر گهر وڃي مسلمانن کي جذبو ڏنو، انهن محنتن جي نتيجي ۾ برّصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نعرو لڳڻ لڳو:

پَاڪستان جو مطلب ڇا؟ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله ڪير اسان جا راهنما؟ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ الله۔

آخر عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام ۽ عوام جي گڏيل ڪوشش رنگ لاتو، مسلم راهنمائن جي محنت ڪم آئي، آگسٽ جي 14 تاريخ هئي، رمضان

[1] تحريکِ آزادی1857ءمیں علماکا مجاہدانہ کردار، صفحہ:22تا23و29ملتقطاً۔

المبارڪ جو مهينو هو، 27 هين رات هئي، اهڙين مبارڪ گهڙين ۾، اهڙي بابرڪت رات ۾ الله ڪريم اسان کي اسلامي جمهوريه پاڪستان (Islamic Republic of Pakistan) جي صورت ۾ پنهنجو آزاد ملڪ عطا فرمايو.

| | |
|---|---|
| کبریا کا لطف تھا اور رحمتِ شاہِ زمَن | ہم کو سینتالیس میں حاصِل ہوا اپنا وَطن |
| ہم پہ جِدّ و جُہدِ آزادی میں تھے سایہ فگن | اَولیائے اُمّتِ اَحمد، صحابہ، پنج تن |
| اہلسنت و الجماعت کی مقاصد سے لگن | رنگ کیسے لے نہ آتی، کیوں نہ مل جاتا وطن |
| سینکڑوں پیروں، ہزاروں عالموں کی دوڑ دھوپ | تھی نتیجہ خیر، ہم نے لے لیا اپنا وطن |

الحمدُ لِلّٰہ! پاڪستان ربّ رحمٰن جو تمام وڏو احسان آهي، ان تي جيترو شڪر ڪجي، اوترو ٿورو آهي. بهرحال، هتي هڪ ٻي اهم ڳالهه تي غور ڪرڻ ضروري آهي، ۽ اها هيءَ ته اسان پاڪستان ڇو ٺاهيو هو؟ اسان جا هزارين عاشقانِ رسول عُلَماءِ ڪرام هڪ آزاد مُلڪ ڇو چاهيندا هئا؟ ڇا انهن کي ڪنهن الڳ خطي جي ضرورت هئي؟ ڇا اهي معاذالله! عهدن جي لالچ ۾ هئا؟ نه، نه...!! هر گز نه. ❀ مسلمان پنهنجو آزاد وطن چاهيندا هئا ته جيئن پوري آزادي سان غلاميءِ مصطفيٰ جو اظهار ڪري سگهن. ❀ مسلمان آزاد وطن چاهيندا هئا ته جيئن پوري آزادي سان نمازون پڙهي سگهن. ❀ اسان کي آزاد وطن گهربل هو ته جيئن پوري آزادي سان روزا رکي سگهون. ❀ اسان کي آزاد وطن گهربل هو ته جيئن پوري آزادي سان اسلام جي معاشي اصولن تي عمل ڪري سگهون. ❀ اسان کي آزاد وطن گهربل هو ته جيئن پوري آزادي سان قرآن ۽ سنت جي تبليغ ڪري سگهون. ❀ اسان آزاد وطن چاهيندا هئاسين، ڇو؟ ڇو ته کُلي عام پوري آزادي سان، پوري جوش ۽ جذبي سان، مڪمل شوق ۽ محبت سان اسلام جو پورو رنگ پنهنجو پاڻ تي چاڙهي به سگهون ۽ ان جو اظهار به ڪري سگهون.

يعني ائين چئي سگهو ٿا ته آزادي ملڻ کان پهريان اسلام ۾ پورو پورو داخِل ٿيڻ جي لاءِ اسان کي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي. ❁ قربانيون ڏيڻيون پونديون هيون. ❁ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون هيون. ان ڪري اسان کي پنهنجو آزاد وطن گهربل هو ته جيئن اسان پوري آزادي سان مڪمل اسلامي زندگي گذاري سگهون پر افسوس!!...

مسجد تو بنا دی پل بھر میں، ایماں کی حرارت والوں نے
من اپنا پُرانا پاپی ہے، برسوں میں نمازی بن نہ سکا

انهن عظيم ماڻهن، عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون، تڪليفون برداشت ڪيون، ڪروڙين ماڻهن هجرت ڪئي ۽ لکين شهيد ٿيا. انهن شهيدن جي رت تي اهو وطن آزاد ڪرايو ويو. اهي قربانيون ان لاءِ ڏنيون ويون هيون ته جيئن مسجدون آباد ٿين، پر مسجدون ويران ٿي ويون. ❁ قربانيون ان لاءِ ڏنيون ويون هيون ته جيئن سنتون عام ٿين، پر معاشري ۾ فيشن عام ٿي ويو. ❁ قربانيون ان لاءِ ڏنيون ويون هيون ته جيئن قرآن جي تعليمات عام ٿي، پر هاڻي مسلمانن قرآن سکڻ ته ڇا، ان جي تلاوت ڪرڻ به ڇڏي ڏني. ❁ اهي قربانيون ان لاءِ ڏنيون ويون هيون ته جيئن اسان پورا پورا اسلام ۾ داخل ٿي وڃون، پر افسوس! اڪثر مسلمانن جو ڪردار به غير اسلامي ٿي ويو، ظاهري شڪل ۽ صورت به غير اسلامي ٿي وئي.

## ڇا اهائي جدّت آهي......؟

اسان جي معاشري ۾ هڪ نئين سوچ پيدا ٿي رهي آهي، نه ڄاڻ ڪٿان هي سوچ اسان جي معاشري ۾ اچي وئي ۽ پڪڙجندي پئي وڃي. جڏهن اسلام جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي، قرآن ۽ سنت جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي، اسلامي اخلاق ۽ طور طريقن جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي ته ماڻهو چوندا آهن: **مولانا...!! ڪهڙيون**

پراڻيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو، هي دقيانوسيت (يعني پراڻي سوچ) ختم ڪريو! هاڻي نئون دور آهي، دنيا ترقي ڪري وئي آهي.

لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه! ڇا مَعاذاللّٰه! هڪ مسلمان کي اهو زيب ڏي ٿو ته اسلامي تعليمات کي پراڻيون ڳالهيون چئي، اسلامي طور طريقن کي دقيانوسيت جو نالو ڏئي؟ هرگز زيب نٿو ڏي.

۽ هونئن به ڏسجي ته اسلام پراڻيون ڳالهيون نٿو ڪري، اسلام ته دنيا جو سڀ کان نئون ۽ جديد دين آهي. جي ها! پويان جيترا به دين هئا، سڀ منسوخ ٿي چڪا. ❁ اسلام آخري دين آهي، ان کانپوءِ نه ڪو نئون دين آيو آهي، نه قيامت تائين ايندو. ❁ اسلامي شريعت آخري شريعت آهي، ان کانپوءِ نه ڪا شريعت آئي آهي، نه قيامت تائين ايندي. ❁ اسلامي تعليمات آخري آسماني تعليمات آهي، ان کانپوءِ نه ڪا آسماني تعليم آئي آهي، نه قيامت تائين ايندي. ❁ قرآنِ ڪريم آخري وحي آهي، ان کانپوءِ نه ڪا وحي آئي آهي، نه قيامت تائين ايندي. تنهنڪري اسلام جديد ترين دين آهي. ان جي برخلاف جيڪي ڳالهيون اسان کي ٻڌايون وڃن ٿيون، جيڪي رسم و رواج بيان ڪيا وڃن ٿا، فيشن جو نالو ڏئي جيڪي بي حيايون عام ڪيون وڃن ٿيون، اهي سڀئي ته تمام پراڻيون ڳالهيون آهن، ڪيئي سال پراڻا قصا آهن، هاڻي ماڻهو انهن کي جدّت جو نالو ڏئي ڇڏين ٿا. مان توهان کي ڪجهه مثالون پيش ڪريان ٿو،

## بي پردگي جدّت يا صديون پراڻو قصّو...؟

اللّٰه پاڪ پردي جو حڪم ڏيندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى<br>(پاره22، سورة احزاب:33) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بي پرده نه رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ وانگر. |

هن مان معلوم ٿيو، بي پردگي پهرين جاهليت جو رواج آهي، پهرين جاهليت ڪهڙي آهي؟ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي وچ ۾ جيڪو عرصو آهي، اهو جاهليتِ اوليٰ سڏجي ٿو، ان وقت عورتون سنورجي ڪري بي پرده گهمنديون هيون، غير مردن تي پنهنجو حسن ظاهر ڪنديون هيون. حضرت مَقاتِل فرمائن ٿا: نَمرود جي زماني جي ڳالهه آهي، ان وقت عورتون ننڍڙا ننڍڙا ۽ باريڪ ڪپڙا پائي گهٽين ۾ نڪرنديون هيون.[1]

هاڻي ٻڌايو! ڇا هي جدّت آهي...! ٿورو حساب ڪتاب ته ڪريو: ۞ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت جي وچ ۾ ساڍا 500 سالن کان وڌيڪ جو فاصلو آهي.[2] ۞ پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين 19 صدين جو فاصلو آهي. ۞ وري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کان حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تائين 10 صدين جو فاصلو آهي. ۞ ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي وچ ۾ به 10 صدين جو فاصلو آهي.[3] اهو ڪل ملائي ڪري تقريباً 4400 سال ٺهجن ٿا، يعني ۞ هي بي پردگي ۞ عورتن جو چادر نه ڍڪڻ ۞ غير محرم مردن سان پردو نه ڪرڻ ۞ غير مردن اڳيان پنهنجي جسم جي نمائش ڪرڻ ۞ ننڍڙا ۽ باريڪ ڪپڙا پائڻ هي اڄ کان 4400 سال پهريان جو انداز آهي، جنهن کي اڄ ماڻهو جدّت چئي رهيا آهن؟ ڇا ايتري پراڻي ڳالهه کي جدّت چئبو آهي؟ اسلام کي دقيانوسيت (يعني تمام پراڻي سوچ) جو طعنو ڏيڻ وارا پاڻ ڏسو ڪيتري پراڻي دور ۾ جي رهيا آهن. جدّت ڇا آهي؟ اچو! مان توهان کي ٻڌايان ٿو، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا یُبْدِیْنَ زِیْنَتَهُنَّ (پاره:18، سورهٔ نور:31) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي زينت ظاهر نه ڪن. |

[1] (روح المعانی)

[2] ...تفسير طبری، جلد:8، صفحه:274، ۔

[3] ۔مستدرک ، جلد:2، صفحه:288۔

هي آهي جدّت...!! عورت جي متعلق سڀ کان جديد ترين تعليم...!! هي اڄ کان 4400 سال نہ پر ڪم و پيش ساڍا 1400 سال پهريان جي تعليم آهي. هاڻي ٻڌايو! اسلامي پردو جدّت آهي يا هي بي پردگي جدّت آهي؟ الحمدﷲ! اسلامي پردو !!.... ان ۾ جدّت بہ آهي ۞ ان ۾ حياءَ بہ آهي ۞ ان ۾ ايمان بہ آهي ۞ ان ۾ دين بہ آهي ۞ ان ۾ معاشري جي حفاظت بہ آهي ۞ ۽ بي پردگي تہ مڪمل بي حيائي آهي ۞ ۽ جهنم جو عذاب آهي.

## پردو جنت جي نعمت آهي.

تفسير نور العرفان ۾ آهي: پردو جنت جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي. رب فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| حُوۡرٌ مَّقۡصُوۡرٰتٌ فِی الۡخِیَامِ ﴿۷۲﴾ (پاره:27، سورهٔ رحمٰن:72) | ترجمو ڪنزالعرفان: خيمن ۾ پرده نشين حورون آهن. |

جنت ۾ سيئي پرهيزگار هوندا پر پردو اتي بہ هوندو. بي پردگي دوزخ جو عذاب آهي جو اتي عورتون مرد هڪٻئي اڳيان اگهاڙا هوندا.[1]

اللہ پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي تہ اسان پوريءَ طرح اسلام ۾ داخل ٿي وڃون چو تہ هي جدّت اصل ۾ جدّت نہ، پراڻيون ڳالهيون آهن.

## موسيقي جدّت يا جاهليت...؟

اهڙي طرح موسيقي (Music) بہ تمام پراڻي ڳالھ آهي، دورِ جاهليت جي نشاني آهي. مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: سڀ کان پهريان شيطان ڳانو ڳايو هو. روايتن ۾ آهي: اللہ پاڪ جي نبي حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام کي ربّ پاڪ تمام پيارو آواز عطا فرمايو هو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن

[1] تفسير نور العرفان، پ٢٢، الاحزاب، تحت الآية:٥٩۔

زبور شريف جي تلاوت ڪندا هئا ته اُڏندڙ پکي به رڪجي ويندا هئا، ماڻهو سندن ڏانهن مائل ٿي ويندا هئا. شيطان خبيث ماڻهن کي سندن وٽ حاضري کان روڪڻ لاءِ بانسري ناهي هئي.(1)

هاڻي ٻڌايو! ڇا هي ڳائڻ، وڄائڻ، موسيقي وغيره جدّت آهي؟ هي لڳ ڀڳ 3000 سال پراڻو قصو آهي، اڄ ماڻهو ان کي جدت ڇئي رهيا آهن .۞ موبائل ۾ گانا هلي رهيا هوندا آهن ۞ ڪنن ۾ هينڊفري لڳائي جهومي رهيا هوندا آهن ۞ موٽر سائيڪل هلائيندي گانا ٻڌي رهيا هوندا آهن ۞ بس ۾ ويٺي گانا ٻڌي رهيا هوندا آهن ۞ جهاز ۾ سفر ڪندي گانا ٻڌي رهيا هوندا آهن، انهيءَ ڪري ڪيئي ڀيرا حادثا به ٿي ويندا آهن. هي نادان ڪنهن گاڏي وغيره سان ٽڪرائجي مري ويندا آهن. ۽ جيڪڏهن ڪو درد دل رکندڙ مسلمان انهن کي سمجهائي، نيڪي جي دعوت پيش ڪري، چئي ته ادا! گانا نه ٻڌو، هي گناه جو ڪم آهي. سامهون کان فوراً جواب ڏيندا: رهڻ ڏيو مولوي صاحب! توهان کي ڪهڙي خبر، دنيا ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي چڪي آهي، هي نئون دور آهي، پراڻيون ڳالهيون نه ڪريو!

لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه! اهڙن نادانن کي ڪو سمجهائي ته ڀاء! پراڻي ڳالهه ته توهان ڪري رهيا آهيو، ڪٿي 3000 سال پراڻي ڳالهه ۽ ڳالهه به اها جيڪا شيطان ايجاد ڪئي هئي ۽ ڪٿي ساڍا 1400 سال پهريان روشني ورهائيندڙ اسلام جي تعليم...!! جديد ڇا آهي؟ اسلام يا جاهليت جون ڳالهيون؟ ۽ هونئن به گانا ٻڌڻ ڪهڙي سمجهداري جي ڳالهه آهي، صرف وقت ئي ضايع ٿيندو آهي، ملندو ته ڪجهه به ناهي، پوءِ ان سان گڏو گڏ آخرت جو عذاب الڳ آهي. ڳائڻ وڄائڻ وغيره فضوليات ۾ پوندڙن جي باري ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

[1] ...ڪشف المحجوب، صفحہ:740

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِیْنٌ(۶) (پاره:21، سورة لقمان:6) | ترجموڪنزالعرفان: انهن لاءِ ذلت جو عذاب آهي. |

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو ڳائڻ واري وٽ ويهي، ڪن لڳائي ڏيان سان (ڳائڻ) ٻڌي، ته الله پاڪ قيامت واري ڏينهن ان جي ڪنن ۾ سيهو وجهي ڇڏيندو[1].

## دورِ جاهليت جون ڪجھ نشانيون

اهڙي طرح پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيون به ڪيئي ڳالهيون آهن، تمام گهڻا طريقا آهن جيڪي اڄ ماڻهو اپنائين ٿا، منع ڪيو وڃي ته چون ٿا: ادا! نئون دور آهي، اسان جدت پسند آهيون، اسان کي پراڻيون ڳالهيون نه ٻڌايو! حالانڪ اهي ڳالهيون، اهي طريقا نوان ناهن، پراڻا آهن. مثال طور :۞ ٻيهي پيشاب ڪرڻ دورِ جاهليت ۾ عام هو، هاڻي ماڻهو جدّت جي نالي تي ائين ڪن ٿا ۞ زمانهءِ جاهليت ۾ شراب عام هو، هي بيماري هاڻي اسان جي معاشري ۾ به عام ٿي رهي آهي ۞ زمانهءِ جاهليت ۾ بدڪاري عام هئي، اسان جي معاشري ۾ به ان جو رجحان وڌي رهيو آهي۞ بيحيائي زمانهءِ جاهليت جو وڏو عيب هو، هاڻي هي عيب اسان جي معاشري ۾ پوري قوت سان پڪڙجي چڪو آهي ۞ گار گند دورِ جاهليت جو انڌيرو آهي، اسان جي معاشري ۾ به عام آهي ۞ والدين کي ستائڻ دورِ جاهليت جو انڌيرو آهي، اسان جي معاشري ۾ به اولڊ هائوس

[1] ابنِ عَساكِر ج۵۱ ص۲۶۳۔

(Old House) جو رواج وڏي رهيو آهي ۞ قطع تعلقي (يعني رشتا ٽوڙڻ) بلڪ رشتيدارن سان وڙهڻ، حسد، بغض جي بنياد تي انهن کان جهڳڙا ڪرڻ دورِ جاهليت جو انڌيرو آهي، اڄ ڪهڙو گهر آهي جتي لڙائي ناهي، ڀاءُ ڀاءُ جو دشمن آهي، ڪنهن جي چاچي سان نٿي نهي، ڪو وڏي چاچي سان ناراض آهي، ڪنهن کي ڀڦي سان نفرت آهي، ڪو ماسي کان بيزار آهي ۞ طاقتورن جو ڪمزورن تي زور هلائڻ، ڌيڄارڻ، ڌمڪائڻ، ڪمزورن جو حق ڪائي وڃڻ، دورِ جاهليت جو انڌيرو آهي، اسان جي معاشري ۾ ڪيتري قدر ڦانئيل آهي، سڀني کي اندازو هوندو ۞ گانا، باجا، ميوزڪ (Music) وغيره جاهليت جون اونداهيون آهن، اسان جي معاشري ۾ هي برائي ايتري عام ٿي وئي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن مسجدن ۾ به ميوزڪل ٽيونز (Musical Tunes) وڄندي ٻڌڻ ۾ اچن ٽيون ۞ بيحيائي وارا اشعار لکڻ، پڙهڻ، گنگنائڻ دورِ جاهليت ۾ عام هو، اسان جي معاشري ۾ به عام آهي، ڪجھ شاعر ماڻهو اهڙا اهڙا بيهوده اشعار لکندا، پريل مجمعي ۾ ٻڌائيندا، يوٽيوب، فيس بڪ وغيره تي انهن جون وڊيوز (Videos) رکندا آهن، اهڙا بيحيائي وارا اشعار ...! ڪو باحيا ٻڌي ته ڪنن کي هٿ لڳائي، هي به جاهليت جو انڌيرو آهي ۞ سيٽيون وڄائڻ، تاڙيون وڄائڻ دورِ جاهليت جو رواج آهي، اڄ اسان جي ڪهڙي مجلس آهي، جيڪا تاڙين کان خالي آهي؟ ۞ جوا کيڏڻ دورِ جاهليت وارو انداز

آهي، ٿورو سرچ ڪريو ته اسان جي ملڪ ۾ ڪيترا جوا جا اڏا آهن، ڪيترن ماڻهن جوا جي چڪر ۾ پنهنجا گهر برباد ڪري ڇڏيا آهن ۞ نسلي تعصب، پنهنجي پيءُ ڏاڏن تي فخر ڪرڻ دورِ جاهليت جو انڌيرو آهي، اڄ ڪيئي ماڻهو آهن جيڪي نسل پرستي جي بنياد تي فساد پيدا ڪري ڇڏين ٿا ۞ وياج دورِ جاهليت جي لعنت آهي، اڄ اسان جي معاشري ۾ به رائج آهي بلڪه وڌي رهيو آهي ۞ جادو ڪرڻ دورِ جاهليت جي برائي آهي، اڄ گهر گهر ۾ جادو جا مسئلا موجود آهن.

مطلب ته ڪهڙي برائي آهي جيڪا زمانۂ جاهليت ۾ ٿيندي هئي ۽ هاڻي اسان جي معاشري ۾ ناهي ٿي رهي؟ بلڪه اسان وٽ ته انهن جاهلانه رسمن کي ترقي جو نالو ڏنو وڃي ٿو ۞ نادان ۽ ناسمجهه وياج کي پروفٽ(Profit) چئي حلال سمجهي وٺندا آهن ۞ وياجي لين دين کي معيشت جي بهتري جو ذريعو سمجهي وينا آهن ۞ شراب پيئڻ فيشن(Fashion) بڻجندو پيو وڃي ۞ بيحيائي کي جدت جو نالو ڏنو پيو وڃي.

اي عاشقانِ رسول! هي جدّت ناهي، هي ته اسلام جي اچڻ کان پهريان جون برائيون آهن، دورِ جاهليت جون خراب ڳالهيون آهن، جن کي اسلام ختم ڪيو آهي. ان ڪري يومِ جشنِ آزادي اچي رهيو آهي، اسان پاڪستان حاصل ڪيو هو، ڇو ڪيو هو؟ اسلامي تعليمات تي آزادي سان عمل ڪرڻ جي لاءِ. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته

جشنِ آزادي جي موقعي تي اسان هن پهلو کان به پنهنجو پاڻ تي، پنهنجي گهر تي، پنهنجي معاشري تي غور ڪريون، هي سوچيون ته ڇا مان مقصدِ پاڪستان کي پورو ڪري رهيو آهيان، عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام جي اها سوچ، جنهن جي بنياد تي انهن قربانيون ڏنيون ۽ هي ملڪِ عزيز حاصل ڪيو، ڇا مان انهيءَ سوچ کي پورو ڪري رهيو آهيان؟ ڪٿي منهنجي ذات ۾ دورِ جاهليت جي ڪا نشاني ته موجود ناهي؟ هن پهلو کان غور ڪري اسان پنهنجو پاڻ کي به، پنهنجي گهر کي به ۽ پنهنجي پوري معاشري کي دورِ جاهليت جي سيني نشانين کان پاڪ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪريون. الله ڪري، اسان پوري طرح اسلام جي رنگ ۾ رنگجي وڃون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ آزادي ۾ جاهلاڻه حرڪتون

افسوس! اسانجي معاشري ۾ يومِ آزادي تي به جاهلاڻه حرڪتون ڪيون وينديون آهن، گناهن سان ڀريل انداز اپنايا ويندا آهن: ❁ جشنِ آزادي جي نالي تي گانا هلايا ويندا آهن. ❁ميوزڪ وڄايو ويندو آهي. ❁ بيهوده رقص ڪيا ويندا آهن. ❁ ڪوڪون ڪيون وينديون آهن. ❁ ٺٺاڪا ٺاڙيا ويندا آهن. ❁ بيهودگي سان باجا وڄايا ويندا آهن. ❁ نوجوان گهٽين ۽ رستن تي هُلڙبازي ڪندا آهن. ❁ رستن تي ون ويلنگ (One Wheeling) ڪري موت جي راند ڪيڏيندا آهن . ❁ڪيترائي نادان جيڪي پنهنجي والدين جي پوڙهائپ جو اڪيلو سهارو هوندا آهن، هن ون ويلنگ جي نشي ۾ مست ٿي ڪري موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. ❁ شراب پيتو ويندو آهي. ❁ نشي آور شيون دل کولي ڪري استعمال ڪيون وينديون آهن.

مختلف رپورٽس جي مطابق، پاڪستان ۾ جشنِ آزادي جي موقعي تي 7 ملين يعني 70 لک ماڻهو منشيات جو استعمال ڪندا آهن، افسوس! افسوس...!! ڇا اسان کي پاڪستان ان لاءِ مليو هو؟ ڇا اسان کي هن نعمت سان ان لاءِ نوازيو ويو هو؟

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا | کارواں کے دِل سے اِحساسِ زیاں جاتا رہا

**وضاحت:** افسوس! اسان جو ساز و سامان (مثلاً عزت، ترقي، ڪاميابي، عروج وغيره) سيئي تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي ۽ مصيبت ته اها آهي ته اسان نادانن کي هن تباهي جو احساس تائين ناهي.

## جشنِ آزادي جو ڏينهن شڪر جو ڏينهن آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِی الْاَرْضِ وَ جَعَلْنَا لَكُمْ فِیْهَا مَعَایِشَ ؕ (پاره:8، سورة اعراف:10) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان توهان کي زمين ۾ ٺڪاڻو ڏنو ۽ توهان جي لاءِ ان ۾ زندگي گذارڻ جا سبب بڻايا. |

الحمد لله! الله پاڪ اسان کي رهڻ لاءِ هي پاڪ ۽ آزاد ملڪ عطا ڪيو، اَلحَمدُلله! زندگي جون ضرورتون عطا ڪيون، ڪوڙ سارين نعمتن سان نوازيو پر افسوس! اسان اهڙي نموني شڪر ادا نٿا ڪري سگهون، جيئن ڪرڻ جو حق آهي. اسان کي گهرجي ته پاڪستان اسان کي نصيب ٿيو ته هن موقعي تي الله پاڪ جو خوب شڪر ادا ڪريون. يومِ جشنِ آزادي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن

مسلمانن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جانين جا نذرانا ڏنا هئا، هڪ اندازي جي مطابق جڏهن پاڪستان نهيو تہ **ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا.**[1]

شہید تم سے یہ کہہ رہے ہیں، لہو ہمارا بھلا نہ دینا
قسم ہے تم کو اے سرفروشو! لہو ہمارا بھلا نہ دینا
وُضُو ہم اپنے لہو میں کر کے خُدا کے ہاں سُرخرُو ہیں ٹھہرے
ہم عہد اپنا نباہ چلے ہیں، تم عہد اپنا بھلا نہ دینا

يعني 14 آگسٽ انهن شهيدن جي ورسي جو ڏينهن آهي، ورسي جي ڏينهن ميوزڪ ناهي وڄايو ويندو، قرآنِ پاڪ پڙهي، روزا رکي، فاتحہ خواني ڪري پنهنجي شهيدن ڪي، وفات ٿيلن ڪي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي. 14 آگسٽ تي عبادت ڪريو، شڪراڻي جا نفل پڙهو ۽ پاڪستان جي لاءِ شهيد ٿيلن ڪي ايصالِ ثواب ڪريو. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. رب ڪريم اسان جي ملڪِ عزيز کي خوشحال ۽ آباد رکي. اچو! دعا ڪريون.

یاخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما
فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما
اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یارَبّ
مرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما
آج ہے امن وطن کا مرے پارہ پارہ
پھر مہیا مرے مولیٰ! اسے راحت فرما
ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن
یاخُدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما
بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا
اور عطا جذبۂ پابندئ سُنت فرما

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] تخليقِ پاڪستان ميں علماءِ اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:14۔

## پاڪستاني عوام لاءِ ڪرڻ وارا ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان کي ملڪ پاڪستان جهڙي نعمت سان نوازيو آهي، ان تي اسان کي ان جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. شڪر جو تقاضو اهو آهي ته جنهن جي طرفان نعمت ملي آهي ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪئي وڃي: ❁ جيڪڏهن ٿي سگهي ته آزادي جي شڪراني ۾ 14 آگسٽ تي روزو رکو. ❁ شڪراني جا نفل پڙهڻ جو انتظام ڪيو. ❁ آزادي جي جدوجهد ۾ شهيد ٿيلن لاءِ ايصال ثواب ڪرڻ جو انتظام ڪيو. ❁ فضول خرچي جي بجاءِ ملڪ پاڪستان کي سرسبز بڻائڻ لاءِ ٻوٽا لڳائڻ جو انتظام ڪيو. ❁ملڪ پاڪستان کي هر قسم جي نقصان کان بچائڻ ۽ ان جي تعمير ۽ ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو عهد ڪيو.

**الله پاڪ اسان کي پنهنجي وطنِ عزيز سان محبت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! جهالت جي ڪمن کان بچڻ، اسلامي تعليمات تي عمل ڪرڻ، سُنت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي هلڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺڻ شروع ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هفتيوار هڪ ديني ڪم:

هڪ ڏينهن راهه خدا ۾ بہ آهي. موجوده دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ اسان کي هي مدني مقصد ڏنو آهي تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁ دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول هن مقصد جي تڪميل جي لاءِ ڳوٺن ٻهراڙين جي اهڙن علائقن ۾ جتي ديني ڪم ڪمزور آهن اُتي وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن.

❁ جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر اهڙن علائقن ۽ ڳوٺن جي اطراف ۾ ويندا آهن. جتي 12 ديني ڪم شروع ڪرڻ يا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي حاجت هوندي آهي ❁اُتي مسجد ۾ قيام ڪيو ويندو آهي. ❁ طئي ڪيل جدول جي مطابق ڪنهن هڪ نماز کان بعد مسجد کان ٻاهر وڃي ويجهي گهرن ۽ دڪانن تي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي. ❁ عاشقانِ رسول ڪي هٿو هٿ مسجد ۾ اچڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي مثال طور ❁ اچو! اوهان بہ اسان سان گڏ مسجد هلو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! . ❁ علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو. ❁ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو. ❁ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي. حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪو قدم راهِ خدا ۾ خاڪ هاڻو ٿيندو، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي.(مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356خلاصۃً۔) ❁ جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن ڏانهن شهر جي اطراف ۾ وڃي حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي.

( معجم اوسط،جلد:1، صفحه:472، حديث:1743۔)

## اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان عام نوجوانن وانگر غفلت جي زندگي گذاري رهيو هئس، گانا ٻڌڻ

منهنجو پسنديده ڪم هو جنهن لاءِ مون هڪ ريڊيو بہ خريد ڪيو هو. منهنجي قسمت جو تارو ائين چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهہ اسلامي ڀائر هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ گذارڻ لاءِ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هن ديني ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، تنهنڪري مان بہ پنهنجي ڪجهہ دوستن سان گڏ شامل ٿي ويس. واپس ويندي هڪ اسلامي ڀاءُ هفتہ وار اجتماع جي دعوت ڏني، اسان چيو: جيڪڏهن ياد رهيو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي انهن ئي اسلامي ڀائرن سان ملاقات ٿي جن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، اهي اهڙي اخلاق سان پيش آيا جو اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين. منهنجي زندگي جو انداز ئي بدلجي ويو، نمازون پابندي سان نصيب ٿيون، گانن جي جڳهہ نعت شريف ورتي، منهن تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجايو، ائين دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عِمامہ سجا لے | نہیں ہے یہ ہرگز بُرا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسپيشل پرسن موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول!هاڻي ٽيڪنالوجي جو دور آهي. الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن

مان هڪ ايپلي ڪيشن اسپيشل پرسن(*Special Person*) بہ آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ نابينا افراد جي لاءِ سکڻ جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن، مثال طور هن ۾ آڊيو لائبريري جو آپشن بہ آهي، گونگن ٻوڙن جي لاءِ حج ۽ عمري، نماز، وضو ۽ غسل جو طريقو اشارن جي زبان ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اشارن جي زبان سکڻ جي لاءِ **Sign Language Course** اُن ۾ موجود آهي. اوهان بہ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو ۽ اوهان جي دوستن، مٽن مائٽن ۾ جيڪڏهن ڪي اسپيشل پرسن (يعني گونگا ٻوڙا) اسلامي ڀائر آهن تہ انهن تائين بہ هيءَ ايپلي ڪيشن پهچايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چند ضروري اعلانات

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، اينڌڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنۡ شَآءَاللّٰه الۡکَرِیۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ سوالن جا جواب بہ عطا فرمائيندا. تمام ذمّہ داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

❁ شيخ طريقت، امير اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، اينڌڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو **”امير اهلسنت کان بدشگوني جي باري ۾ 20 سوال جواب“** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان بہ شيئر ڪريو!

۞اَلحَمْدُلله! مڪتبة المدينہ قرآن، حديث، عقائد، تصوف ۽ فقہ ۾ مهارت رکڻ واري عظيم عالم امام اهلِ سُنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جي مختلف پهلوئن تي لکيل ڪتاب ”فيضان امام اهل سُنت“ شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن شاخ تان 415 روپئي ۾ طلب فرمايو. ان ڪتاب کي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امت سان همدردي سنتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (1): اللّٰه پاڪ مون کي ٽي سوال عطا فرمايا، مون بہ پيرا (تہ دنيا ۾) عرض ڪيو: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِیْ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاُمَّتِیْ اي اللّٰہ! منهنجي امت جي مغفرت فرماءِ، اي اللّٰه! منهنجي امت جي مغفرت فرماءِ. ۽ ٽيون عرض ان

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥

ڏينهن (قيامت) لاءِ بچائي رکيو آهي.[1] (2) جيڪو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري، اللّٰه پاڪ ان تي رحم نٿو فرمائي.[2]

اي عاشقانِ رسول! اُمت سان همدردي سنتِ مصطفيٰ آهي. ❁ جان ڪائنات، بزم ڪائنات صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پيدائشِ مبارڪ جي وقت بہ اسان امتِين کي ياد فرمايو. ❁ شبِ معراج بہ اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ ياد فرمايو. ❁ وصال شريف کان پوءِ قبرِ انور ۾ لاهيندي وقت بہ چپن مبارڪن تي امت جي نجات ۽ بخشش جون دعائون هيون. ❁ آرامده راتن ۾ جڏهن سڄو جهان آرامي هوندو هو، پيارا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو بسترو مبارڪ ڇڏيندا هئا ۽ اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ اسان گنهگارن لاءِ دعائون فرمائيندا هئا. ❁ قيامت جي ڏينهن سخت گرمي جي عالم ۾ شديد اُڃ جي وقت اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ اسان لاءِ مٿو سجدي ۾ رکندا ۽ اُمت جي بخشش جي درخواست ڪندا. ❁ امتِين جي نيڪين جا پڙ ڀاري ڪندا. ❁ ڪٿي پل صراط تان سلامتي سان گذاريندا. ❁ ڪٿي حوضِ ڪوثر مان سيراب ڪندا. ❁ ڪڏهن دوزخ ۾ پيل امتِين کي ڪڍي رهيا هوندا. ❁ ڪنهن جا درجات بلند فرمائي رهيا هوندا. ❁ پاڻ غمگين هوندا، اسان کي خوشيون عطا فرمائيندا. ❁پنهنجن نوراني لڙڪن سان امت جا گناهہ ڌوئيندا.(3)

رات کاٹی ہم نے سو کر دن گزارا لہو میں
تم نے روتے روتے ساری شب گزاری یارسول (4)

[1] مسلم، ڪتاب :مسافروں کی نماز،صفحہ:294، حديث:820۔
[2] مسلم، ڪتاب: فضائل، صفحہ:910، حديث:2319۔
[3] ... تفسير صراط الجنان،پاره:4، سورة آلِ عمران، جلد: 2، صفحہ:87۔
[4] ... قبالۀ بخشش، صفحہ:157۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
ربّ کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري
## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴾1﴿ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴾2﴿ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴾3﴿ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البدیع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغیب والترھیب، ج 2، ص 329، حدیث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي پيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305

[2] ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455